# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXVII مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XXXVII OF 1984

# سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH BUILDINGS CONTROL (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 14 جي ترميم

Amendment of section 14 of Sindh Ordinance V of 1979

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 17 جي ترميم

Amendment of section 17 of Sindh Ordinance V of 1979

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXVII مجريہ 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XXXVII OF 1984

## سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 1984

## THE SINDH BUILDINGS CONTROL (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[پهرين نومبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ وفاقي شرعي عدالت سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 ۾ ڪجهہ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووزنل ڪنسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

**مختصر عنوان ۽ شروعات**
**Short title and commencement**

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

**1979 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 14 جي ترميم**
**Amendment of section 14 of Sindh Ordinance V of 1979**

2. سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ چاٽايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 14 جي ذيلي دفعہ (3) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ هن دفعہ تحت اهڙو ڪو بہ قدم نہ کنيو ويندو جيستائين متاثر ٿيندڙ شخص کي ان سلسلي ۾ ٻڌڻ جو موقعو نہ فراهم ڪيو وڃي."

**1979 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 17 جي ترميم**
**Amendment of section 17 of Sindh Ordinance V of 1979**

3. چاٽايل آرڊيننس جي دفعہ 17 ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ ڪا بہ درخواست يا اپيل خارج نہ ڪئي ويندي، جيستائين درخواست گذار يا اپيل ڪندڙ جيئن معاملو هجي، انهن کي ٻڌڻ جو موقعو نہ ڏنو وڃي."

**نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**